پروفيسر ڊاڪٽر ناهيد پروين

# هر دؤر جي ڪهاڻيءَ جو خالق
# اياز حسين قادري


***Abstract:***

**Ayaz Hussain Qadri, creator of Short story in every era**

*Ayaz Hussain Qadri is one of the pioneers of short story writing in Sindhi language since the creation of Pakistan. He started his creative writing career as a poet of Ghazals but later shifted towards short story writings. He wrote numerous assorted short stories accurately depicting the life and problems of Sindhi society amongst which 'Biloo Dada' is the most popular and considered as his best short story. His style and characterization was imitated by several other contemporary short story writers. A.H Qadri continued writings short stories for four decades and in each decade through his mesmerizing short stories he remained the most popular short story writer amongst the masses. In this paper a critical analysis of his writings and short stories has been made by the scholar.*


**ادب** انسان جي زندگيءَ جو بهترين عڪاس آهي، گڏوگڏ انساني زندگيءَ جو لفظن جي روپ ۾ هڪ دلفريب اظهار به آهي، جيڪو نثر ۽ نظم جي ٻن اهم پاڳن ۾ ورهايل آهي. نثري ادب ۾ ڪيتريون ئي دلڪش، وڻندڙ ۽ دلچسپ صنفون آهن، پر انهن ۾ ڪهاڻي يا افسانو وڌيڪ جاذب، مقبول ۽ دلچسپ صنف طور مڃيو وڃي ٿو. ان جو هڪ سبب شايد ان جو اختصار يا مختصر هئڻ به آهي.

اختصار ان حد تائين جو اڄ ڪلهه اردو توڙي سنڌيءَ ۾ فقط هڪ سؤ اکرن تي ٻڌل ڪهاڻيون، اخبارن ۽ رسالن ۾ عام جام شايع ٿي رهيون آهن. ڪي فني لحاظ کان پختيون آهن، ته ڪي وري ڪچيون ڦڪيون به آهن، پر اختصار جي اها حد ليکڪ توڙي پڙهندڙ ٻنهيءَ لاءِ دلچسپيءَ جو سبب پڻ آهي.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ جيڪو خال پيدا ٿيو، تنهن کي پرڻ ۾ جن





صنفن اهم ڪردار ادا ڪيو، تن ۾ افسانو ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ اڳڀرو رهيو. ورهاڱي کان پوءِ پنجاهه جي ڏهاڪي جي شروعات ۾ جن افساني نگارن ان خال کي پرڻ لاءِ جاکوڙيو، تن ۾ ٻين سان گڏ اياز حسين قادريءَ جو نالو تمام گهڻي اهميت رکي ٿو.

سنڌ ۾ قادري خاندان جون ست پيڙهيون گذريل ٻن صدين کان سنڌي علم ۽ ادب خاص طور تي عروضي شاعريءَ جي ميدان ۾ بي بها خدمتون سرانجام ڏيئي رهيون آهن. ان قادري خاندان ۾ ميان غلام سرور فقير جي گهر اياز حسين قادري ١٩ جنوري ١٩٢٧ع تي جنم ورتو. سندس والد تڪڙو گذاري ويو، نتيجي ۾ سندس پالنا ۾ سندس والده ماجده نواب خاتون ۽ مامي غلام عباس 'جوش' اهم ڪردار ادا ڪيو. اياز حسين قادري جيئن ته علمي، ادبي گهراڻي ۾ اک کولي، جتي سندس وڏا شعر شاعريءَ سان گهرو شغف رکندا هئا. سندن سرپرستيءَ ۾ مشاعرن جون محفلون منعقد ٿينديون هيون، جن ۾ اياز حسين قادري ننڍي ڄمار کان ئي شرڪت ڪندو هو. اهڙيءَ ريت سندس تربيت شاعر جي حيثيت سان ٿيندي رهي ۽ پاڻ ١٤ سالن جي ڄمار ۾ پهريون غزل چيائون. شاعريءَ ۾ سندن استاد محمود خادم هو، جيڪو پنهنجي دؤر جو استاد شاعر مڃيو ويندو هو.

قادري صاحب چاليهه ۽ پنجاهه جي ڏهاڪي ۾ شاعريءَ ڏانهن ڀرپور ڌيان ڏنو ۽ ان دؤر ۾ غزليه شاعريءَ ۾ پنهنجي فن جا جوهر ڏيکاريا. اڳتي هلي پاڻ سنڌي ادبي سنگت جا باني سيڪريٽري جنرل ٿيا ۽ يارنهن سالن تائين ان عهدي تي رهيا. اهو عرصو سنڌ ۾ ون يونٽ خلاف تحريڪ ۽ ادب جي انقلابي اوسر جو دؤر هو. پاڻ شاعريءَ سان گڏوگڏ افساني جي ميدان ڏانهن رخ رکيائون. سندن ويجهو دوست ۽ ساٿي سندن افساني نگاريءَ جي شروعات بابت لکي ٿو:

”اياز سان منهنجي واقفيت ١٩٤٩ع ۾ ٿي. ان وقت مون کي به شعر و شاعريءَ جو تمام گهڻو شوق هو ۽ اياز ته ادبي حلقن ۾ اڳ ئي متعارف هو تنهن ڪري اسان جي گفتگو ادب، شعر ۽ تنقيد جي مختلف پهلوئن تي ٿيندي هئي. ڪراچيءَ جي علمي مجلسن ۽ مشاعرن ۾ نهايت گرمجوشيءَ سان شريڪ ٿيندا هئاسين. مون کي اياز ۾ پنهنجي دور جو هڪ عظيم شاعر نظر آيو، جنهن جي ڪلام ۾ زندگيءَ جي جهلڪ نه

پر خود زندگي جلوه فرما هئي. مون هن جي شخصيت جي آئيني ۾ حسن اخلاق جو عڪس ڏٺو آهي. مون ڪي اياز ۾ هڪ اهڙو حساس انسان نظر آيو جنهن جي طبع سماجي بي انصافين کان مضطرب ٿي ويندي هجي، جنهن جي دل ۾ مظلوم جي لاءِ همدردي هجي، جنهن جو دماغ تعميري ڳالهيون سوچيندو هجي ۽ جنهن جون نگاهون وقت ۽ ماحول جا اشارا سمجهنديون هجن. هن جڏهن افسانا لکڻ شروع ڪيا ته مون ڪيس افسانن ڏانهن مائل ٿيڻ کان جهليو. مون سمجهيو ٿي ته جيڪڏهن اياز افسانن ڏانهن رخ رکيو ته اسان جو شعري ادب هڪ باڪمال شاعر جي زندگي بخش ڪلام کان محروم رهجي ويندو. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، مون کي اياز جي افسانن ۾ فن ۽ زندگيءَ جو امتزاج نظر اچڻ لڳو. مون هن جي افسانن جو مطالعو هن جي شخصيت جي پس منظر ۾ ڪيو آهي ۽ انهن کان هن ڪري به متاثر آهيان، جو مون کي اياز جي قول ۽ فعل ۾، شخصي ڪردار ۽ ادبي حيثيت ۾ هڪ صحتمند يگانگت نظر آئي آهي. مون کي نه هن جي زندگيءَ ۾ ڪڏهن تصنع ۽ بيجا تڪلف نظر آيو آهي ۽ نه هن جي افسانن ۾ انساني همدرديءَ جو مصنوعي جذبو نظر آيو آهي."[۱]

اهڙيءَ ريت دوستن جي مخالفت هوندي به، اياز قادري افسانانگاريءَ ڏانهن وِک وڌائي ۽ پنهنجي دؤر جا بهترين افسانا تخليق ڪيا ۽ پنهنجي همعصر افساني نگارن ۾ اهم حيثيت ۽ جڳهه ماڻي.

اياز قادريءَ جي افسانن کي ٻن حصن يا دؤرن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهريون دؤر پنجاهه جي ڏهاڪي جو دؤر، جنهن ۾ 'بلو دادا' مجموعو شايع ٿيو، يعني ۱۹۵۴ع کان ۱۹۵۷ع وارو دؤر ۽ ٻيو دؤر اسي جي ڏهاڪي جو دؤر آهي، جنهن ۾ اياز قادريءَ ٻيهر افساني نگاريءَ ڏانهن قدم رکيو.

پهرئين دؤر جي افسانن ۾ جيڪي 'بلو دادا' مجموعي جي صورت ۾ آهن، تنهن ۾ ۱۳ افسانا شامل آهن، جڏهن ته ٻئي دؤر جا لکيل ڪجهه افسانا ان دؤر جي اهم رسالن 'سهڻي' ۽ 'نئين زندگيءَ' ۾ شايع ٿيندا رهيا ۽ ڪجهه افسانا رسالن ۾ شايع ٿيل نه آهن. اهڙن افسانن جو ڪُل انگ پندرهن آهي. اهڙِيءَ ريت ڪل اٺاويهه افسانا اياز حسين قادريءَ جي ٻئي يا تازي مجموعي 'ڪهاڻي هر دؤر جي' نالي مجموعي ۾ شايع





ٿيل آهن، جنهن کي قادري قلم قبيلو ڪراچي / لاڙڪاڻي پاران شايع ڪيو ويو آهي، جنهن جو سرواڻ محترم ذوالفقار علي قادري آهي. قادري صاحب جي ذاتي ڪوشش جي نتيجي ۾ سندس ڪٽنب جي وڏن جا ڊزن کن ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. هن پنهنجي وس ۽ وت آهر اياز قادري صاحب جي ڪتابن کي يڪجا ڪري پڌرو ڪيو آهي ۽ اجا به اهو ڪم هلندڙ آهي.

مون کي ذاتي طور تي اهو محسوس ٿئي ٿو ته اياز حسين قادري صاحب جا اجا به ڪيترائي افسانا هوندا، جيڪي ڪيس هٿ نه لڳا آهن ۽ قادري صاحب جي ڪهاڻين جو انگ اجا به وڌيڪ هوندو.

زير نظر ڪتاب 'ڪهاڻي هر دؤر جي' مجموعي ۾ "بلو دادا" اهم ترين افسانو آهي. بلو دادا ان دؤر جو افسانو آهي، جڏهن ڪرداري افسانن کي گهڻي اهميت حاصل هئي. ان دؤر ۾ جمال ابڙي 'پشو پاشا' ۽ غلام رباني آگري 'شيدو ڌاڙيل' جهڙا افسانا تخليق ڪيا. جمال ابڙي ڪنهن حد اهو اظهار به ڪيو آهي ته پاڻ بلو دادا کان متاثر ٿي "پشو پاشا" تخليق ڪيو اٿس. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته، اياز قادريءَ جي فن، فڪر ۽ پيشڪش جي انداز کان ان دؤر جا وڏا ڪهاڻيڪار به متاثر ٿيا. سنڌ ۽ هند ۾ بلڪ ڏيهان ڏيهي سطح تي وڏو مانُ حاصل ڪيو، جو "بلو دادا" افساني جو ڪيترن ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي.

"بلو دادا" جو ڪردار جيتوڻيڪ بدمعاش يا غنڊي جو ڪردار آهي، پر ساڳئي وقت هُو دل جو سچو، نڌڻڪن، ڏتڙيلن ۽ ڏکويلن جو همدرد بڻجي سامهون اچي ٿو. ڪيس پاڙي جي نينگرين جي عزت جو خيال آهي ته ڪنهن بي گور لاش کي دفنائڻ جي اڻ تڻ پڻ آهي، بلڪ انساني همدرديءَ جي جذبي تحت ڪو به جوکم کڻڻ لاءِ تيار آهي.

ڪو دؤر هو جو سنڌ جي سينيمائن ۾ اسان کي مڪراني داداگير نظر ايندا هئا، جن جو دٻدٻو اهڙو هوندو هو، جو ڪيتري به رش ۽ پيهه چونه هجي، ڪو شخص يا ڏنگو ماڻهو قسري نه ڪري سگهندو هو. ساڳئي وقت ڪراچي شهر جي مختلف علائقن ۾ هر پاڙي ۾ ڪونه ڪو داداگير هوندو هو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

غلام نبي مغل 'ڪهاڻي هر دؤر جي' جي مهاڳ ۾ اهڙن بدمعاشن لاءِ لکي ٿو:

"پنهنجي اندر ۾ ڇڪ رکندڙ بلو دادا کي جڏهن سيمنٽ وارو سيٺ "غنڊه ايڪٽ" تحت شهر نيڪالي ڏياري ٿو ۽ پنهنجي ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي ان جملي تي ڪري ختم ڪري ٿو ته "ڇا بلو واقعي غنڊو هو؟"[۲]

ليکڪ پڙهندڙن تي ڇڏي ٿو ته هُو پاڻ ان ڳالهه جو فيصلو ڪن ته ڇا بلو واقعي غنڊو هو. اهڙي قسم جي ٽريٽمينٽ پڙهندڙن کي به ٻه واٽي تي آڻي بيهاري ٿي ته بلو جون حرڪتون ته واقعي غنڊن جهڙيون آهن، پر هن جي اندر جو لڪل انسان، نه فقط انسان دوست آهي، پر ڏتڙيلن، بي وسن ۽ غريبن جو مددگار به آهي. بظاهر سخت گير نظر ايندڙ اندر ۾ ڪيترو نيڪ ۽ هڏڏوکي آهي.

"بلو دادا" جو ڪردار اياز قادري تخليق نه ڪيو، بلڪ بلاول هڪ جيئرو جاڳندو ڪردار هو، جنهن جي زندگي ۽ عملن جو اياز قادري نه فقط گهرو مشاهدو ڪيو، بلڪ ان جي روزمره جي واقعن کي ڪٺي ان کي افسانوي رنگ ڏنو آهي. اياز قادريءَ جي ان مشاهداتي ڪهاڻي کيس ڪهاڻيڪارن ۾ تمام گهڻو متانهون مقام ڏياريو.

بلو دادا افسانو فني توڙي فڪري لحاظ کان هڪ بهترين افسانو آهي. ڪردارنگاري توڙي منظرنگاري نهايت پرڪشش ۽ وڻندڙ آهي. افساني جي شروعات ۾ "بلو دادا" جي ڪردار کي متعارف ڪرائيندي، جيڪا منظرنگاري ڪئي اٿس، ان سان ڪردار جي شخصيت جو نه فقط هر پهلو نمايان ٿئي ٿو، بلڪ پڙهندڙن جي ذهن جي پردي تي "بلو" جي واضح تصوير ايئن اُڪري اچي ٿي، جيئن ڪمپيوٽر تي ڪمانڊ ڏيڻ سان ڪا گهربل ڊيٽا اُڀري بيهندي آهي. افساني جي مقصديت به ٻين جزن جيان واضح طور تي اڀري بيهي ٿي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا، اياز قادريءَ جي افسانن بابت لکي ٿو:

" هن جا افسانا هن ملڪ جي معاشري جي سماجي بدحاليءَ جون اگهاڙيون تصويرون آهن. هو زندگيءَ جي تلخ حقيقتن جو پردو هٽائي ٿو ۽ سماج جي خرابين،





پراڻين رسمن ۽ جاگيرداري نظام خلاف احتجاج ڪري ٿو." هو لکي ٿو ته "منهنجي افسانن جا ڪردار نه فرشتا آهن ۽ نه شيطان، پر فقط سادا سودا انسان آهن، جن ۾ ڪيترين ئي خوبين سان گڏ خاميون به آهن."[۳]

اياز قادريءَ جو هڪ ٻيو افسانو 'مان انسان آهيان' ڪهاڻيءَ جي پسمنظر ۾ لکيل ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هندو – مسلمان ويڙهن جي عڪاسي ٿيل آهي. ورهاڱي جي فسادن/هاڃن تي هندستان توڙي پاڪستان ۾ ڪيترن ئي ٻولين جي ڪهاڻيڪارن بهترين ڪهاڻيون لکيون آهن. سرحد جي ٻنهي پاسي جيڪي خوني فساد ٿيا ۽ ڪنهن ملڪ جي تهڻ سان جنهن انگ ۾ لڏپلاڻ ٿي، ان جو به تاريخ ۾ مثال ملڻ محال آهي. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ پنجاب ۽ هندستان جي ٻين رياستن جيتري رتوڇاڻ نه ٿي، پر هندن کي سنڌ مان جهڙيءَ ريت لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو، اهو ته هڪ اذيت ناڪ ماحول هو.

بلو دادا کان پوءِ هي افسانو به حقيقتن تي ٻڌل هڪ جيئري جاڳندي تاريخ آهي، جنهن ۾ ڪوبه نعريبازيءَ جو عنصر نظر نه ايندو، ڇاڪاڻ ته اياز قادري پلاٽ توڙي ڪردار عام زندگيءَ مان کنيا آهن.

ننڍي کنڊ جي ٻين ٻولين جيان سنڌي اديبن به ورهاڱي جي ڏکوئيندڙ واقعن جي عڪاسي ڪئي آهي، پر اياز قادريءَ جو انداز منفرد ۽ انوکو آهي.

افساني جي شروعات ئي سواليه نشانن سان ڪري ٿو. ان کي پيشڪش جي خوبي چئجي يا فن جي نزاڪت جو فقير بابا جي ڪردار ۽ عظمت بابت پڙهندڙن کي شروعات ۾ ئي متاثر ڪندڙ ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي. اها شروعات ڪجهه هن ريت ڪري ٿو:

"ڪنهن کي خبر هئي ته هو ڪير هو؟ هن جو نالو ڇا هو؟ هن جي ذات ڪهڙي هئي؟ هن جو مذهب ڪهڙو هو؟ هو ڪٿان آيو هو؟ انهيءَ هوندي به شهر جو ننڍو وڏو کيس سڃاڻندو هو. هن کي ڪافي ورهين کان وٽي ڏسندا پئي آيا. سانت ئي سانت ۾ پنهنجي خيالن ۾ گم. ڪڏهن هو مندرن مان نڪرندڙ ناقوس جي صدا، جا آسمان تائين ڦهلجي ويندي هئي، ٻڌي مندر جي دروازي وٽ وڃي بيهندو هو، مندرن ۾



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وڃندڙ گھنٽين جو شور ۽ پوڄارين جا ڀڄن ٻڌي، هُو انھيءَ ۾ مگن ٿي ويندو هو. هو پوڄارين کي ديوتائن اڳيان سر نوائي وينتي ڪندو ڏسي خاموش ٿي ويندو هو ڄڻ ڪنھن فيلسوف وانگر اهڙي ڳوڙهي مسئلي تي ويچار ڪري رهيو هجي، جنھن جو حل ڪيس نہ ملندو هجي. مندر مان نڪرندڙ مرد ۽ عورتون هن کي ڏسي چوندا هيا، ڀڳوان جو سنت آهي، سندس ڀڳوان سان لنو لڳل آهي. صبح جو جڏهن مسجد جي اوچن منارن مان موذن جي الله اڪبر جي صدا ڪائنات ۾ چوطرف پکڙجي ويندي هئي، تہ هو خاموشيءَ سان اتي اچي مسجد جي چانئٺ وٽ ويندو هو ۽ وضو ڪندڙن ڏانھن خاموش نظرن سان نھاريندو هو. جڏهن پيش امام قرآن شريف جون سورتون قرآت سان پڙهڻ شروع ڪندو هو، تہ ان جي مٺي آواز ۾ مست ٿي ويندو هو، ڄڻ ڪيس دلي مسرت حاصل ٿي رهي هجي. جڏهن نمازين کي سجدي ۾ ويندو ڏسندو هو تہ هو وري اهڙي مسئلي تي سوچ ۾ پئجي ويندو هو، جو هن کان حل نہ ٿيندو هجي. مسجد مان نڪرندڙ نمازي ڪيس ڏسي چوندا هيا، ”ويچارو مجذوب آهي. الله جو پيارو ٻانهو آهي.“(۴)

ساڳئي ريت افساني جي پڇاڙي بہ نھايت ڇرڪائيندڙ انداز ۾ ڪري ٿو.

”تون ڪير آهين؟“، ”تنھنجو نالو ڇا آهي؟“ ڊاڪٽر جي جواب ۾ صرف زخميءَ مشڪي ڏنو. ”تنھنجو مذهب ڪھڙو آهي؟“ زخميل وڏو ٽهڪ ڏنو. بيٺل ڊاڪٽر ۽ نرس ٻئي ڏڪي ويا. ”شايد ديوانو آهي.“ نرس چيو. ”ڊاڪٽر صاحب مان هندو .... نہ نہ ..... مسلم ...... نہ نہ ..... ڊاڪٽر صاحب، مان انسان آهيان. منھنجو مذهب انسانيت آهي. ڊاڪٽر صاحب، مون کي زخم ٻنھي هندو ..... ۽ مسلمان ...... کان رسيا آهن....... منھنجا زخم انسانيت جا زخم آهن. ڊاڪٽر صاحب، منھنجو موت انسانيت جو موت آهي. ڊاڪٽر صاحب، منھنجو لاش هندو مسلم ٻنھي جي حوالي ڪجو جنھن ۾ هو پنھنجي شڪل ڏسي سگھن، جن ۾ ڪين ڀڳوان اڳيان سر نوائڻ، الله اڳيان سجدا ڪرڻ ٻئي ڇتيءَ طرح ڏسڻ ۾ اچن.“ زخمي چپ ٿي ويو. سندس لبن تي ابدي مشڪ ڦھلجي وئي، جا چئي رهي هئي ”مان انسان آهيان.“ پري کان ناقوس جي صدا آئي، آذان جو آواز آيو، پوڄارين ڀڄن ڳايا. نمازين الله اڪبر پوڪاريو. هندن ڀڳوان اڳيان سر نوايو. مسلمان سجدي ۾ جھڪي پيا.“(۵)





متين پڻ شروعاتي ۽ پڇاڙيءَ وارن فقرن کي پڙهڻ سان اوهان اندازو لڳائي سگھو ٿا تہ ان جو باقي متن ڇا هوندو.

افساني جو پلاٽ ۽ ان ۾ شامل ڪيل واقعا انساني ذهن کي ڌوڏي ڇڏين ٿا، تہ مذهب جي نالي تي ڪھڙا ڪلور ڪيا ويا. ورهين بلڪ صدين کان گڏ رهندڙن جي وچ ۾ نفرت جو اهڙو ٻج ڇٽيو ويو، جو اڄ ڏينھن تائين هندستان ۽ پاڪستان جا رهواسي ان مان ڇوٽڪارو حاصل نہ ڪري سگھيا آهن. ٻنھي ملڪن جي وچ ۾ ٽي خطرناڪ جنگيون ٿي چڪيون آهن. ڏٺو وڃي تہ اها مذهبي جنونيت ڏينھون ڏينھن وڌي رهي آهي. ڀارت ۾ شوسينا تہ پاڪستان ۾ طالبان جھڙا مڪتبہ فڪر انسانيت جا ويري ٿي بيٺا آهن، پر اياز قادريءَ جو ’فقير بابا‘ اڄ بہ پنھنجي اها صدا بلند ڪري رهيو آهي تہ ”نہ نہ مان نہ مسلمان آهيان نہ هندو. مان تہ انسان آهيان.“

”فرشتو“ پڻ اياز قادريءَ جو هڪ لاجواب افسانو آهي، جنھن ۾ هن ترقي پسند سوچ جي عڪاسي ڪئي آهي. هن افساني جو مرڪزي ڪردار هڪ غريب پوڙهيت آهي، جنھن جي ماءُ هڪ مرض ۾ وڪوڙيل آهي، غربت سبب هُو ماءُ جو علاج ڪرائڻ کا قاصر آهي ۽ آخرڪار ڪيس عذاب جھڙي حياتيءَ کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ ڪيس زهر ڏئي ڇڏي ٿو. انسان جي بي وسي ۽ لاچاريءَ جي ان کان وڌيڪ ٻي ڪا دردناڪ تصوير نٿي ٿي سگھي. ان بيوسيءَ جي تصوير جي اياز قادريءَ ڪھڙي نہ دردناڪ منظرنگاري ڪندي پچاڻي ڪئي آهي:

”اڃان قدم جھوپڙيءَ ۾ رکيائين تہ ماءُ جي ڪنجھڻ جو آواز ٻڌائين. هن جي ڪنگھ سان ڄڻ سڄي جھوپڙي ڏک ۾ ڏڪي ٿي وئي. پٽ کي ڏسندي ئي هن جي چھري تي رونق اچي وئي ”ابا!“ هوءَ ٿوري دير لاءِ سانت ٿي وئي. ”اڄ تہ ضرور منھنجي لاءِ دوا آندي هوندءِ!“ هو پٽ جيان ماٺ ٿي ويو. ”بلا! هن جيئڻ کان تہ موت ڀلو!“ هو ماءُ جي ويجھو آيو، ۽ ماءُ کي ڳلي ملي، اچي روئڻ ۾ ڇتڪيو، ”ها، امان اڄ مان تنھنجي لاءِ دوا آندي آهي.“ سندس آواز سڏڪن ۾ گم ٿي ويو. هوريان هوريان اٿيو، شيشي ڪڍيائين. سندس هٿ ڏڪڻ لڳا. ساهہ تيز ڪھڻ لڳو. اکين اڳيان اونده ڇانئجي ويس. متو ڦرڻ لڳس. ڪجھ ٽيپا پيالي ۾ وجھي، پاڻي ملائي، ڪٽي ماءُ کي ڏنائين، جنھن کي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هوءَ امرت سمجهي هڪ ٽي ساهيءَ سان ڳٽ ڳٽ ڪري پي ويئي ۽ پوءِ هن جي ڇهري تي مرڪ ڇانئجي ويئي. "ابا! توکي منهنجو ڪيڏو نہ خيال آهي! ابا، تون فرشتو آهين فرشتو!" هن ڪنڌ ڪٽي ماءُ جي جهوليءَ ۾ وڌو. ماٽس جو هٿ آهستي آهستي هن جي وارن ۾ ڦرڻ لڳو، ڄڻ هوءَ پنهنجي آڱرين سان سندس وارن کي ڦڻي ڏيندي هجي.

مٿين پڇاڙيءَ وارن فقرن کي پڙهي توهان ليکڪ جي اندر جي پيڙا ۽ اڌمن کي محسوس ڪري سگهو ٿا، گڏوگڏ سماج ۽ معاشري جي حالتن ۽ بي حسيءَ جو اندازو لڳائي سگهو ٿا، جتي ماءُ جهڙي عظيم هستيءَ کي پٽ پاڻ زهر هو پيالو ڏيئي سندس زندگيءَ جو انت آڻي ٿو، جنهن کيس زندگي عطا ڪئي. زندگي ڏيندڙ ۽ زندگي وٺندڙ هن افساني جا مرڪزي ڪردار آهن.

مطلب تہ اياز حسين قادريءَ جون ڪهاڻيون اسان جي زندگيءَ جون جيئريون جاڳنديون تصويرون آهن، پوءِ اهي شروعاتي دؤر جون هجن ۽ بعد ۾ لکيل دؤر جون، اهي هر دؤر جون ڪهاڻيون آهن، جن لاءِ غلام نبي مغل لکي ٿو:

"انهيءَ کان سواءِ سائين اياز جو افسانو "مان انسان آهيان"، پنهنجي موضوع جي لحاظ کان تمام اعليٰ درجي جو آهي ۽ سعادت حسن منٽوءَ جي افساني ٽوباٽيڪ سنگهہ جي سِڪ لاهي ٿو. سندن آخري ڏينهن ۾ لکيل افسانو "ڪاري" بہ پڙهڻ وٽان آهي ۽ موجوده دؤر جي موضوع تي لکي سائين اياز ثابت ڪيو آهي تہ سچو ليکڪ جيسيتائين زماني جي گردش ۾ رهي ٿو تہ کيس موضوع محسوس ٿين ٿا ۽ هو لکي ٿو. سائين اياز کي پڙهڻ سان اسان کي گذريل سٺ ستر سالن جي ادبي، معاشرتي، شهري توڙي ٻهراڙيءَ جي حالتن جي ڄاڻ ملي ٿي."(٦)

مختيار احمد ملاح، اياز قادريءَ جي افسانن تي تبصرو ڪندي لکي ٿو:

"هن پنهنجين ڪهاڻين ۾ نعريبازي ۽ پرچار کي اهميت نہ ڏني آهي. هن ڪهاڻين جا پلاٽ ۽ ڪردار روزاني زندگيءَ مان ڪنيا آهن، پر انهن کي افسانوي رنگ ڏيندي ڪٿي ڪٿي گهري سماجي شعور جي ڪوٽ محسوس ٿئي ٿي، ڇوتہ ليکڪ رڳو حقيقتن جو فوٽوگرافر نہ آهي، پر ان کان وڌيڪ آرٽسٽ آهي ۽ زندگيءَ کي تبديليءَ ڏانهن بہ وٺي ويندڙ آهي. ڊاڪٽر اياز قادريءَ جي ٻين اهم ڪهاڻين مان "مان انسان





آهيان"، "ٻهروپي"، "پوڪ ۽ ليبر" ۽ "ڪهاڻي هر دؤر جي" مشهور آهن. ڊاڪٽر اياز قادريءَ جا ڪردار جاندار ۽ انتهائي ڇرڪائيندڙ آهن."(٧)

ساڳي ريت پروفيسر سليم ميمڻ، اياز قادريءَ جي ڪهاڻين تي تبصرو ڪندي لکيو آهي تہ:

"اياز حسين قادريءَ جون ڪهاڻيون حقيقت ۾ معاشري جي سماجي بدحاليءَ جون اگهاڙيون تصويرون آهن. هن زندگيءَ جي تلخ حقيقتن تان پردو هٽائي سماجي ٻڇڙاين، براين، ريتن رسمن ۽ جاگيردار سرشتي خلاف احتجاج بلند ڪيو آهي."(٨)

## حوالا


١. قادري، اياز حسين، 'بلو دادا'، مڪتبہ برهان، جنوري ١٩٨٢ع، ص: ١٣.

٢. قادري، اياز حسين، 'ڪهاڻي هر دؤر جي'، قادري قلم قبيلو، ڪراچي/لاڙڪاڻو، فيبروري، ٢٠٠٨ع.

٣. الانا، غلام علي، سنڌي ادبي اوسر 'سنڌي افسانا'، مرتب: زبيده پير محمد شيخ ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ١٩٦٧ع، ص: ١١ ۽ ١٢.

٤. قادري، اياز حسين، 'بلو دادا'، مڪتبہ برهان، جنوري ١٩٨٢ع، ص: ٣٤ ۽ ٣٥.

٥. ساڳيو، ص: ٤٢.

٦. مغل، غلام نبي، (مهاڳ) ڪهاڻي هر دؤر جي، (ليکڪ: اياز قادري)، قادري قلم قبيلو، ڪراچي/لاڙڪاڻو، فيبروري، ٢٠٠٨ع، ص: ١٧.

٧. ملاح، مختيار احمد، 'سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ'، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، مئي ٢٠١٥ع، ص: ٢٢٠.

٨. ميمڻ، محمد سليم، پروفيسر، 'بلو دادا'، ڪتاب جو مهاڳ، ورسٽي پبليڪيشن ڪراچي، ١٩٩٩ع، ص: ٦.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair